# سنڌ ايڪٽ نمبر XVI مجريه 2016

# SINDH ACT NO.XVI OF 2016

# ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (بحالي ۽ ترميم) ايڪٽ، 2016

# THE KARACHI DEVELOPMENT AUTHORITY (REVIVAL AND AMENDING) ACT, 2016

## فهرست(CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.1957 جي حڪم V جي بحالي

Revival of Order V of 1957

3.1957 جي آرڊر V جي آرٽيڪل 5 جي ترميم

Amendment of Article 5 of Order V of 1957

4.حفاظت

Saving

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVI مجريه 2016

# SINDH ACT NO.XVI OF 2016

# ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (بحالي ۽ ترميم) ايڪٽ، 2016

# THE KARACHI DEVELOPMENT AUTHORITY (REVIVAL AND AMENDING) ACT, 2016

[11 مئي 2016]

ايڪٽ جنهن ذريعي ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي سان لاڳاپيل قانون کي بحال ڪيو ۽ ترميم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن ته هائوسنگ صنعت جي حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ هتي وڌرائڻ لاءِ ۽ صوبي جي ماڻهن کي اجهو فراهم ڪرڻ لاءِ، اهو ضروري ٿي پيو آهي ته ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي سان لاڳاپيل قانون کي بحال ڪيو وڃي ۽ ترميم ڪئي وڃي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1.(1) هن ايڪٽ کي ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (بحالي ۽ ترميم) ايڪٽ، 2016 سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| Short title and commencement | (2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو. |
| 1957 جو بحالي آرڊر V<br>Revival of Order V of 1957 | 2.ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 پهرين جولاءِ 2002 تي ۽ ان کان پوءِ بحال تي ويندو، جهڙوڪ اهو ڪڏهن منسوخ ٿيو ئي نہ ٿيو، چاڻايل آرڊر ان ڪانپوءِ ان حد تائين ترميم ٿيل ۽ اهڙيءَ ريت ئي ترميم ٿيل سمجهيو ويندو. |
| 1957 جي آرڊر V جي آرٽيڪل 5 جي ترميم<br>Amendment of Article 5 of Order V of 1957 | 3.چاڻايل آرڊر جي، آرٽيڪل 5 ۾:<br>(i) شق (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:<br>"(1) **گورننگ باڊي جي جوڙجڪ:** گورننگ باڊي مشتمل هوندو: |

| | |
|---|---|
| (a)مڪاني حڪومت، هائوسنگ ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ جو وزير | چيئرمين |
| (b)صوبائي اسيمبلي جا ٻہ ميمبرز حڪومت طرفان نامزد ڪيا ويندا | ميمبر |
| (c)مڪاني حڪومت ۽ هائوسنگ ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ جو سيڪريٽري | ميمبر |
| (d) ڪمشنر ڪراچي | ميمبر |

| | |
|---|---|
| (e) ڊائريڪٽر جنرل ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي | ميمبر/ سيڪريٽري |
| (f) ميمبر ٽيڪنيڪل ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي | ميمبر |
| (g) ميمبر فنانس ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي | ميمبر |
| (h) ميمبر (ايڊمن) ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي | ميمبر |

(ii)شقون (2) ۽ (3) ختم ڪيون وينديون.

حفاظت
Saving

4.سمورا ڪيل حڪم، ڪارروايون، مقرريون، اٿارٽي طرفان ڪنيل قدم، يا ڪنهن شخص طرفان، جيڪي جولاءِ ٻه هزار ٻه جي پهرين ڏينهن ۽ هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ واري تاريخ (ٻنهي ڏينهن سميت) جي وچ ۾ ايندڙ عرصي دوران ڪيا، يا ورتا يا ڪرڻ، ڪڻڻ يا ٿيڻ جو ارادو ڪيو ويو هيو، جيستائين ڪنهن عدالت جو فيصلو نہ اچي، اهي سدائين ڪارگر طور ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 تحت ڪنيا، ورتا يا ڪيا ويل سمجهيا ويندا ۽ انهن تي ڪنهن بہ بنياد تي ڪنهن عدالت ۾ سوال نہ اٿاريو ويندو.

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**